# وڳ ڪيئن وسرياءِ



Gul Hayat Institute

رَسُولُ بَخشُ پَليجو

# وڳـــ کيئن وسرياءِ

رسول بخش پليجو

(سالگره نمبر)

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي
گاڏي کاتو حيدرآباد

ڇاپو پهريون: سيپٽمبر ١٩٨٢ع

تعداد : ٻه هزار

ڇپائيندڙ : اشرف لاکو

ٽائيٽل : منير پرڳڙي

قيمت ٣-٠٠ رپيا

Gul Hayat Institute

هي ڪتاب محمد اشرف لاکي، سردار پرنٽنگ پريس گاڏي کاتي حيدرآباد مان ڇپائي سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي پاران پڌرو ڪيو.

ڪنهن ڪاڻ ڪياءِ؟ ڪهڙن پنهوارن ڪرها؟
اکين مٿي اکيان، ٻڌي ۾ ٻير گهڻاءِ!
وڳ ڪ وسرياءِ، ٻڌو جيئڻ گهاٽي وهن؟

منهنجا پيارا ٻچا!

ڪيترن مهينن کان سنڀرلهي سنڀرالدي ليٽ اڄ توکي هي خط پيو لکان. خط ٻڌ ۾ اڄ وچ جي تڪليف کي خيال ۾ رکندي مون هي خط ائين لکيو آهي جو جيڪڏهن پيو خط موڪلڻ جو موقعو نه به ملي ته به جيڪا ڳالهه چوڻي اٿم تنهن جا مکيه نقطا هن ۾ اچي وڃن. هن ۾ مون ”بهترين جي اميد رکو ۽ بدترين لاءِ تيار ٿيو“ جي اصول هيٺ بهترين جي اميد رکندي بدترين کي فرض ڪري ورتو آهي.

ان ڪري بلڪل ٿي سگهي ٿو ته توکي ائين لڳي ته هي خط گهڻي ڀاڱي غلط، هڪ طرفو، وڌاءُ

وارن اطلاعن ۽ الهيءَ جي رد عمل جي بنياد تي لکيل آهي ۽ ان ۾ توسان يا ڪن ٻين سان بي‌انصافي ٿيل آهي. ان حالت ۾ ڪنهنجي باشعور ضمير کي اختيار آهي ته پوري تپاس، ويچار ۽ تڪ تور کان پوءِ جيڪي ڳالهيون ڪيس پوري ايمانداريءَ سان وڌاءُ، هڪطرفائي يا سراسر غلط ۽ بي انصافيءَ واريون معلوم ٿين تن کي ذهني طرح ائين ليڪ ڏيئي ڇڏڻ جڻ اهي لکيون ئي ڪونه ويون هيون. انهن بابت توکي يا ڪنهن ٻئي کي ڪجهه به دل ۾ نه ڪرڻ گهرجي.

گذريل ٻن سالن ۾ آءٌ ٻين عزيزن، قريبن ۽ يارن دوستن سان گڏ تنهنجي باري ۾ به مختلف ماڻهن کان حال احوال وٺندو رهيو آهيان. ميني وٽان مون کي هميشه ساڳي ڳالهه معلوم ٿيندي رهي آهي. هر ڪو چوي ٿو ته تون پڙهائيءَ تي ڪجهه ڌيان ڏين ٿو باقي ٻيو سمورو وقت ائين فضول وڃائيندو رهين ٿو. ڪو عزيز قريب يا پاڙي اوڙي جو غريب غربو يا منگتي ساٿي ڏک سک

Gul Hayat Institute

۾ ٽوڪي ٻه ٻيو ڀرڻ لاءِ چوي ٿو ته تون پڙهائي يا گهر جي ڪم جي ٽالي ۾ ٽپ جواب ڏيو ڇڏين. اخبارن ۾ ڪڏهن ايندو آهي ته فلاڻي سياستدان عملي سياست تان رٽائر ٿيڻ جو اعلان ڪيو آهي. ائين ٿو لڳي ته تون ٻه ١٤-١٥ سالن جي عمر ۾ رٽائر ٿيو ويٺو آهين.

ٻن سالن جي انهن اطلاعن مان تو باٻت ذهن ۾ مجموعي طور هڪڙي اهڙي ذهين ۽ باصلاحيت خوشحال ۽ لاپرواهه انفراديت پسند ۽ خود پرست، سابق روشن خيال ۽ ترقي پسند نوجوان جي تصوير اڀري ٿي، جيڪو هاڻ فقط پنهنجي ذات جي انفرادي سک، آرام ۽ انفرادي ڪاميابي لاءِ جيئي ٿو، جنهن جي اندر ۾ اعليٰ احساسن ۽ جذبن جي ڪابه چڻنگ ۽ بلند آدرشن جي روشنيءَ جو ڪوبه ذرڙو سلامت نظر نٿو اچي ۽ جيڪو في الحال وقتي طور ئي سهي ذهني ۽ روحاني طرح ختم ٿي چڪو آهي.

Gul Hayat Institute

”نڪو ليکو ٿي ٿئو، نڪو تتو ڏينهن،
تهان اڳي لينهن، ڇنو آڻ واريئين!“

جيڪڏهن واقعي ائين آهي ته، اهو هڪڙو نهايت دردناڪ الميو ٿيندو، نه فقط تو ۽ مون لاءِ، پنهنجي خاندان ۽ سنگت ساٿ لاءِ، پر پنهنجي ڏيهه جي ڏوٿين ۽ جهانگين لاءِ پڻ.

هڪڙو اهڙو ماڻهو جيڪو پنهنجي گهر جهڙي گهر ۾ خاص توجه ۽ ڪوشش سان اعليٰ ترين آدرشن جي روشنيءَ ۾ پلجي وڏو ٿيو هجي، جنهن جي ڪنن تي علم جا پهريان پڙلاءُ ”ماءُ“ ناول جي آب حيات جهڙن لفظن جا پيا هجن، جيڪو سڄي عمر حق جي حمايت جي جدوجهد جي ماحول جي وچ ۾ ۽ ان ۾ حصيدار رهيو هجي، جنهن ۾ جاڻي ڄم کان هڙا گڻ ۽ لياقتون هجن ۽ جنهن اڳتي وڌي هڙيون صلاحيتون ۽ جوهر ڏيکاريا هجن، سو اوسر ۽ جوانيءَ جي منهن ۾ جيڪا انساني دلين ۾ عام طرح حق ۽ سچ جي تمنا ۽ تڙپ،

Gul Hayat Institute

تلاش ۽ جاکوڙ، ان جي حاصلات لاءِ سورهيائي
۽ قرباني‌ءَ جهڙن جذبن ۽ آدرشن جي مکڙي ڦٽڻ
۽ ٽڙي گل ٿيڻ جي موسم هوندي آهي، هيڻن
اکين اڳيان ڏسندي ڏسندي اوچتو ترين پر ويهي
رهي، سا ڳالهه، ڪا رواجي نٿي ليکي سگهجي.

اها ڳالهه، پنهنجي جدوجهد ڪرڻ جي همت ۽
حوصلي جي فولادي قلعي جي ڪنگرن تي فخر ۽
دليري‌ءَ سان جهولندڙ اهڙين شاندار لنيڙين جهنڊين
مان هڪڙي شاندار لنيڙي‌ءَ جهنڊي‌ءَ جي ڪري
پوڻ جي ڳالهه آهي. جيڪي شاندار جهنڊيون
پنهنجي ڏيه جي ماڻهن جي پنهنجي زندگي ۽ دنيا
کي بهتر بڻائڻ جي اڻل ارادي ۽ پختي ثابت قدمي‌ءَ
جون خوبصورت نشانيون پنهنجي واداري ۽ ڪاميابي‌ءَ
جون مضبوط ضمانتون ۽ پنهنجي روشن ميان جون
سن موهيندڙ خوشخبريون آهن.

مون کي تنهنجي ذهني ۽ روحاني ترقي‌ءَ بابت
هميشه فڪر رهندو پئي آيو آهي، جو ته مون کي
تنهنجي راه ۾ ڪيترين سازگار ڳالهين سان گڏ

ڪيترين سنگين رڪاوٽون ۽ نظر ايندڙيون رهيون آهن. ان ڪري مون بار بار توکي هوشيار، خبردار ۽ مڙس ماڻهو ٿيڻ لاءِ تاڪيد ڪيو آهي.

ٻيون ڳالهه اها ته تو اڃا پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي عمر سارو جهڙو ڇنجي ٿهڙو ڏک ڪونه ڏٺو آهي.

تاريخ جي هن ڏاڪي تائين، ماڻهن جي وڏي اڪثريت جي دنيا، ڏکن جي دنيا آهي. ان ڪري دنيا ۾ سڀ کان وڏو انساني رشتو سک جو نه، ڏک جو آهي. اڄ تائين ڏک ئي انساني سماجي زندگيءَ بابت ڄاڻ ۽ سمجهه جو وڏي ۾ وڏو وسيلو بڻيو آهي، جنهن سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح ڏک نه ڏٺو آهي، تنهن کي ڏکويل ماڻهن جي هن دنيا جي ڪهڙي خبر پئجي سگهندي. روشن خيالي، ترقي پسندي ۽ انقلابيت معنيٰ ماڻهن جي اڪثريت لاءِ ڏکن جي دنيا بدلائي سکن جي دنيا بڻائڻ. جن ڏکن جي دنيا جو عذاب ئي برداشت نه ڪيو هوندو سو ان کي بدلائڻ جي ڪهڙي ضرورت

محسوس ڪري سگهندو ۽ ان تبديليءَ جو ڪهڙو قدر ڄاڻندو؟ اهڙو ماڻهو پلا روشن خيال، ترقي پسند ۽ انقلابي ڇا جي لاءِ ٿيندو؟ ۽ جي ڪنهن سبب ۽ ڪنهن وقت وقتي طرح ٿي به، پوي ته به هميشه لاءِ ڇو ٿئي؟ ڪو به فائدو نه ڏسي ۽ ڏنو وائڻو نقصان سمجهي به ڇو سدائين ترقي پسند ۽ انقلابي رهي؟

مطلب اهو ناهي ته جنهن گهٽي ۾ گهڻا ڏک ڏٺا سو پاڻمرادو وڏي ۾ وڏو انقلابي ٿيندو يا جنهن ذري جيترو به سک ڏٺو سو روشن خيال ۽ انقلابي ٿيندو ئي ڪونه، نه، حد کان وڌيڪ ڏک تيز باه وانگر آهي. جيڪي ماڻهون اينديس ڏنهن کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيندو. ان ڪري پي هر ڳالهه وانگر، ڏک به فقط هڪ حد تائين فائديمند آهن ۽ سو به تڏهن، جڏهن منهنس ڪوڙان پيچڻ لاءِ ماڻس کي گهٽيون نه ته ٿوررڙيون منهيون ٿلهيون خوشيون به شامل هجن، يعني ڪجهه ڏک نه ڪجهه سک. خوشيءَ جي ملاوٽ کان بلڪل خالي بنهه حد کان وڌيڪ ڏک نقصانڪار ٿيندو

Gul Hayat Institute

حد ڪيتري هجي؟ اهو هر ماڻهوءَ جي جسماني،
ذهني، روحاني قوت ۽ سهپ تي مدار رکي ٿو.

— ۽ خوشيءَ جي معنيٰ ڇا؟ ٻين لکين قسمن
جي خوشين کان سواءِ، پيارن پيارن ماڻهن سان
روبرو يا ڪتابن ۾ ملاقات به خوشي آهي. ماڻهن
جي سچي ۽ باشعور عزت به خوشي آهي. ضمير جو
اطمينان به خوشي آهي. ٻري کي سيکت ملڻ جو
تصور به خوشي آهي. سپان جي ڪاميابي جي اڪ
۾ خوشي آهي. ۽ ڏک؟ اهو به ماڻهوءَ ماڻهوءَ تي
۽ ماحول تي مدار رکي ٿو. ٻين هزارين
لکين ڳالهين کان سواءِ ڪنهن ناول ۾ ڏکويل
مظلوم ماڻهوءَ جي ڳالهه پڙهڻ به ڏک آهي،
هزارين سال اڳ جي ڏکويلن جي ڳالهه ٻڌڻ به
ڏک آهي. سمورين انسالذات جي سمورين پيڙائن
جو تصور به ڏک آهي ۽ انهن سڀني ڏکن جو
هڪدم ڪو نه ڪو تدارڪ نه ڪري سگهڻ سڀني
کان وڏو ڏک آهي.

Gul Hayat Institute

ماٺهوءَ جي ڏکن ۽ خوشين ۾ خاص ڪري ڏکن ۾ ڀاڱي ڀائيوار هجڻ ڪان سواءِ هن دور ڳائين جو انسان انسان دوستيءَ جو ڪس لهي سگهي ٿي. لٽوءَ سوين سال اڳ لطيف انساني زندگي ۾ ڏکـ جي احساس ۽ شعور جي ۽ ٻين سورن ۾ شريڪ ٿيڻ جي اهميت جو ذڪر هيئن ڪيو آهي:

ڏيکاريس ڏکن، ڪولدر ڪس ٻرين جو،
سو پرائن سورن آڏو سهـي،
ساجن سليس سور، سک نہ سيڙيس سپرين.

......

سکن مون سين ڪين ڪيو، سورن لڌيم ساروڻ،
سو سکن ڏيـڻي، ورهـہ وهايم هکڙوڻ
پـٽي گـوڏ گـرت، ساڻو ڪجي سور جو.

ظاهر آهي تہ هي شعر شاعرائي وڏائي کان خالي ناهن. پر انهن ۾ اها بنيادي عظيم عالمي تاريخي سچائي سمايل آهي، تہ انسانيت جي زبردست اڪثريت جو ساٿ ڏکن جو ساٿ آهي. جيڪو

ماڻهو انسانيت دوست وات وٺندو سو ڇڻ هٿ وٺي
پنهنجي هٽيءَ جي اڪثر عام سکن تان هٿ کڻي
پنهنجي هٽيءَ جي عام ڏکن کان ٻه وڌيڪ لوان
ڏک سودي ٿو. اهو دليا جو وڏي ۾ وڏو سودي
جو ڪاروبار آهي. گوتم ۽ عيسيٰ ۽ انهن کان
گهڻو اڳ کان وٺي اڄ تائين ڪيترا ئي ماڻهو
اهو ئي ڪاروبار ڪندا، جڳ جرڪائيندا ۽ جڳ جڳ
جيئندا رهيا آهن.

سچي جهان جي انهن ڏکن جي زهر کي چکائي
هو ان مان اعليٰ انسان دوست مرت ۽ سمجهه
جون روشنيون، تعليمي عمل جون ماکيون مصريون،
خوشي جون خوراڪون ۽ عزت ۽ شان جون
سرهاڻيون ٻنائيندا رهيا آهن.

Gul Hayat Institute

قائل ڪمائي ڪري، وه ماکي جي ڪن،
وڏان ويهي تن، ابج کي ٻياليون.

سکن عيوض سور سورڻ وارا اهي سوداگر ئي
هن ڌرتي جي سوين صدين جو بهترين فصل آهن.

اهي سروان الهيءَ وڪر جا سونهارا ساٿ پري، ٻرن، ٽرن، جبلن ۽ جهنگن ۾ روشنيون ۽ سرهائيون ٻڪيڙين ٿا ۽ ٻرن پنيورن کي اجاري، لوڪ جي دلين تان هور ۽ خوف لاهي، ڏکين کي ڏِڪَ وهارين ٿا؛

ٻر مڙيوئي ٻوءِ، ڇپر ڇانيون ڪيون،
ڪيائين سرهيون، واسائين وڻڪار،
اچي آريءَ ڄام جو، وڻ وڻ منجهان واس،
ٻرو هو پنيور، آريائيءَ اجاريو.

حد اندر ڏکن سان گڏ حد اندر ڪي نه ڪي سنها ٿلها، وڏا ننڍا سک ۽ سهوليتون به ماڻهوءَ جي شخصيت ۾ انقلابي واڌاري لاءِ فائديمند آهن پر جيئن ته اڄ ڪائين جي انسان جي زندگيءَ ۾ ڏک گهڻا سک ٿورا، ڏک بنيادي ۽ سک ثانوي آهي. انڪري زندگيءَ جي صحيح سرت ۽ سمجهه، عام طرح فقط ان کي هوندي جنهن وٽ ڏکن ۾ سکن جو صحيح توازن هوندو يعني جنهن وٽ ڏک

Gul Hayat Institute

جهڙو احساس ۽ شعور وڌيڪ ۽ عام ملڪ جي حالات
ان جي پيٽ ۾ ڦوري هوندي. جنهن وقت ڏک
ڦورا ۽ ملڪ گهڻا هوندا. ان جي زندگي بابت
حرت ۽ سمجهه ۽ ان ڏانهن روپو عام طرح صحيح
نه ٿي سگهندو.

تنهنجي اچا عمر ننڍي آهي. پر تو ان عمر
سارو به ڏک ڪوله ڏٺا آهن. (گورڪيءَ جي ٻالپڻ
ڪيئن ڏو پائيئن، تو پنهنجي عمر سارو پنهنجي
عمر جي ٻين ڪيترن ٻارن وانگر بکون، ڏک،
ڏکا، ڏومان، رولاڙا، تنگيون، مجبوريون، بيوسيون،
محروميون، ذلتون، خواريون، ويو ۽ دشمنيون ڪوله
ڏٺيون آهن. تو تان اوچتيون چيون ڪرڻ ڪريڻ
آهن. تون اچا پراون ڪلهن تان لهي پنهنجي
پيرن تي بيهڻ تي مجبور ڪوله ٿيو آهين. تون
هن پرئي جهان ۾ ڪڏهن به اڪيلو ۽ بي يارو
مددگار ڪونه ٿيو آهين ۽ توتان ڪڏهن به "آءُ"
اڪيلو سامهون مٿ وارو وقت نه آيو آهي تون
جسماني يا ذهني يا روحاني طرف ڪڏهن به زندگي

Gul Hayat Institute

۽ موت جي ڪشمڪش ۾ مبتلا ڪيل ڏيو آهين.
تو مري جي ڪوڙ ڏٺو آهي. انهن ڪڏهن ۾
ڪو ڏيو آهي جو تون هڪڙو پيرو جسماني يا
ذهني يا روحاني طرح چڻ مارجي چڪو هجين ۽
پوءِ وري تو ۾ جڻ چڻي چڻي مس ساه پيو هجي،
نه وري تون اهڙي ماحول ۾ رهيو آهين جتي
تنهنجي آسپاس ۽ ڏلد ڪيءَ جون قاتل حقيقتون روز
تنهنجي جسم، ذهن ۽ ضمير تي متحرڪا هڻي توکي
پل پل مندن وجود جو عذاب پرپا ڪرڻ تي
ڪندون رهن.

ٻئي طرف توکي تنهنجي پنهنجي طبقي جي
تنهنجي همعمر ٻارن جي پيٽ ۾ وڏيڪ سک ۽
سهولتون ميسر آهن. درحقيقت تون هڪڙو تمام
ننڍڙو ٻي سهي، ۽ هڪڙو هونه وارو ماڻهو ٿي
پيو آهين. تو وٽ موٽرسائيڪل آهي. تو وٽ
پنهنجو خلاصو ڪمرو آهي. ڪئين پيون شيون آهن.
اهڙي ريت تون هن ننڍي عمر ۾ اڻ هوله وارن
جي برادريءَ مان لڪري ٿورڙي گهڻي هوند وارن

جي ٻراديءَ ۾ شامل ٿي چڪو آهين. لطيف سائين چوي ٿو تہ هوند ٻوجهو آهي. ٻوجهي وارو ماڻهو ٻنا ٻوجهي واري ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ هلڻ ۾ ڏکيو ٿيندو. هوند وارا ڳورا آهن. وڏيون منزلون ڪري نہ سگهندا. اڻ هوند وارا هلڪا يا (لطيف جي ٻوليءَ ۾) هورا آهن. ڳورن ۽ هورن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. هوند واريون ٻوجهي واريون، ڳوريون پانڌياڻيون منهنجي ڳوٺ رهجي وينديون ۽ اڻ هوند واريون هلڪيون يا هوريون ڪيئن وڃي هاڙهي جي هن پار پهچنديون!

هورين هاڙهو لنگهيو، ڳوريون پاسي ڳوٺ!
ڪيچ تنين کي ڪوٺ، ’ڪين‘ جنين جي ڪچ ۾-

......

کهي جا ”ڪين“ ڪٺي، پرينءَ پٺتي سا،
هوندڙا هوت پري، اوڏو آ اڻ هوند کي-

......

Gul Hayat Institute

هوائن جنهين ۾ هوءِ، هوت نہ هوائو تن ۾،
نڪا هت نہ هت ڳوري سندي ڳالهہ،
ڪين پهتي سال، حال اهتي هوت ڪي۔

ظاهر آهي تہ هي ڳالهيون قطعي ۽ تنگ معنيٰ ۾ اکر بہ اکر نہ ٺيون ٿي سگهن. پر اهي بنيادي نسبتي ۽ وسيع معنيٰ ۾ بلڪل صحيح آهن.

چوندا آهن تہ ڏڌ جهلي هڪڙو واڻيو پيو وڃي. پاڻ جهڙن ماڻهن لاءِ موٽر سائيڪل ۽ هڪڙو سواري تي ڏيڻ جهڙو ڪم بہ جبل جيڏا مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿا ۽ چاهي ڏوه ڪنهن جو بہ هجي. پر ليلا جي هار والگر دوستن ۾ دوريون پيدا ڪري سگهن ٿا.

ان گهوڙن هنئي گهڻيون، دوستن مان دور ڪيا! تون وريت عوام جي زلد کي ڪان گهڻو ٻري رهيو آهين ۽ سندن رهڻي ڪهڻي جو اثر تمام وڏي ڳالهہ آهي. چوڻي آهي تہ "سنگا سي جن جا پڪا اوڏڙا!" لطيف بہ چيو آهي۔

Gul Hayat Institute

گڏ جت گذران هو، جتي لڳي ٿنهن جاءِ.

ماڻهو جهڙي ماحول ۾ رهي ٿو، جهڙي قسم جي ماڻهن سان گڏجي گذران، اٿ ويهه، واقفيت ۽ دوستي ڪري ٿو انهن جا خيال، چڱائي برائي جا ماپا ۽ معيار، پسنديون ۽ ناپسنديون، امنگون ۽ آدرش شعوري ۽ لاشعوري طرح سندن اونهن لهرن ۾ سمائجي وڃن ٿا ۽ سندن قلب ۾ روح کي اڻ لکين زنجيرن ۾ جڪڙيو ڇڏيو ڇڏين!

من، اکيون، تن تت، جتي جنب جيڏين!

مڙس ۽ نا مڙس، رجعت پرست ۽ ترقي پسند وغيره ماڻهن جي وچ ۾ فرق جي بنيادي ڪارڻن مان هڪڙو بنيادي ڪارڻ رهڻي ڪهڻي جو فرق ۽ تضاد به آهي. ڪو ماڻهو عوام سان پيار ۽ سندس خدمت ڪرڻ جون ڪيڏيون به ڳالهيون پڙهي، ٻڌي ۽ ڪري. پر جي سندس رهڻي ڪهڻي سراسر عوام جي ابتڙ هوندي خواهش ۽ نيت ڪيتري ڪهڙي به سٺي هوندي ته به عام طرح، هو عوام دوستي

Gul Hayat Institute

۽ عوام جي خدمت جي ڏاھپن تي مضبوطي ۽
ثابت قدميءَ سان ۽ ٽوڙ تائين ھرگز قائم رھي نہ
سگھندو. ان ڪري ڪھڻيءَ سان گڏ رھڻيءَ جي بہ
بنيادي اھميت آھي شاہ تڏھن ھڻن چيو آھي،

تنھن ڪھڻيءَ ڪيو ڪوہ؟ جي رھڻي نہ رھيو سپرين.

جي رھڻي سپرين ڪي رھائڻ جي لائق نہ ھوندي
تہ سگھي وات جي ڪھڻي ڪيس ڪھڙو پاڻ ڏانھن
ڇڪي پاڻ وٽ رھائي سگھندي؟

ھي جي ھيترا ماڻھو ٽالڪي جي وڏي عرصي
تائين بي‌مثال جاکوڙن، قربانين ۽ سورھيائين جي
باوجود ٽوڙ تائين سچا عوام دوست ۽ انقلابي نتا
رھي سگھن ۽ ھڪڙي ڏينھن اوچتوئي اوچتو
ڪنھن ٽڪاءُ جي مرض ۾ ورتل ٻڪري والگر
ٽڪاءُ ڏيو ورا ٽيو رھن يا آھستي آھستي ٻوڙتي
ھتي ختم ٿيو وڃن سو ڇو؟ يا تہ ماڻھوءَ ٽي
اصلوڪي غلط رھڻي ڪھڻي جي لاڻاڪي نڪ جي
اوچتي ڇڪ پوندي آھي يا ھو آھستي آھستي

Gul Hayat Institute

پنهنجي اصولڪي صحيح رهڻي ڪهڻي بدلائي دشمن طبقن جي غلط رهڻي ڪهڻي جي ڏيڻ ۾ قائمي پوندو آهي.

جڏهن اسين انقلابي ماڻهو عوام دشمن جي طرفان، سندن پنهنجي ناجائز مفادن خاطر، عوام واسطي مقرر ڪيل ۽ مٿين گمراهيءَ ۽ زبردستيءَ وسيلي مڙهيل رهڻي ڪهڻي، معيار زندگي ۽ فيشن جي ڪسوٽين کي رد ڪري، پنهنجي عظيم مقصدن جي روشني ۾ پنهنجي حقيقي ضرورتن، سکن ۽ آسائشن جي شين ۽ ڳالهين لاءِ ڪوشش ڪنداسين ته اسين ڏسنداسين ته اسين زندگي جي هڪڙي زبردست جنجال ۽ پيڙا مان ڇٽا آهيون. هڪڙي گولاپ ۽ غلامي مان آزاد ٿيا آهيون. ڄڻ هڪڙو جنبو اسان جي ڳچي مان لٿو.

اسين گهٽ پورهئي مان گهڻيون وڌيڪ بهتر ۽ ڪارائتيون ۽ ...ل گهريون شيون ۽ ڳالهيون حاصل ڪري سگهنداسين. اسان کي پاڳلن وانگر اجائي هڻ هڻان ۽ ڇتي وٽ وڻان ڪانه ڪرڻي پوندي ۽

Gul Hayat Institute

اسان کي سک ۽ آرام ولدو ۽ ورونهن ۽ پنهنجي بهتري واسطي سوچ ويچار لاءِ ڪجهه وقت به بچي پولدو.

هڪ سمجهو ۽ باشعور انقلابي مزدور ۽ مارو ماڻهوءَ جي رهڻي ڪهڻي اختيار ڪرڻ سان چڻ ڪنهن اسم اعظم جي ڦوڪ سان اسين ڪتن جي ڪير ڪان پڇندڙ، ڊڄڻ، هراسيل ۽ هوش خطا ٿيل ذڪندڙ سهي سان ڦري شينهن جا ٻچا ٿي پوندا سين. ان رهڻي ڪهڻي ۾ ڪو اهڙو عجب اسرار سمايل ٿڏي ٿو جو ماڻهوءَ جي ڪايا پلٽيو وڃي.

ڪوڪٽ آهي ڪو، اسي پنهوارن ۾!

ان باري ۾ لطيف سائين اسان جي صاف ۽ روشن رهبري ڪري ٿو.

هر ڳالهه ۾ چالو نظام جي چالو غلط شين، ڳالهين، ڪسوٽين ۽ معيارن جي نه رڳو مخالفت ڪريو پر ان جي جاءِ تي، الهن جي عين ابتڙ صحيح شيون ۽ ڳالهيون ۽ ڪسوٽيون ۽ معيار قائم

۽ رائج ڪريو. اهي ڏسڻ ۾ ڀل ڪيڏيون ئي انيڙيون، خسيس، ڪنهن جي نظر ۾ نه ايندڙ، ڪنيون، ڪوجهيون ۽ اولڏيون اٿيون هجن ته انهن تي شرمسار هرگز نه ٿيو. انهن بابت معذرت به نه ڪريو. انهن جو حقيقي ۽ اڻ لکو قدر ۽ قيمت سڃاڻو، سمجهو، مشهور ڪريو، ساراهيو، ڳايو ۽ وڄايو!

اڪ الٽي ڏارونءِ، اپتو عام ڪان
جي لهوارو لوڪ وهي، تون اونچو وه اوپار.

هيڙن هنڌن تي لوڪ جي معنيٰ آهي غلط نظام جي غلط ڪسوٽين ۽ معيارن جي اُلٽي پوڄا ڪندڙ گمراه ساٿهو.

عوام دشمن جي نظر ۾ جيڪي آهي سو نامنهاد. قيمتي شيون، سون، ريو ۽ انهن جا مالڪ اهي ئي ساراه جا، پيروي جا، دوستي جا ۽ عزت ۽ احترام جا لائق آهن. اوهين انهن شين ۽ سندن مالڪن کي رد ڪري ڇڏيو، ٿڏي ڇڏيو. انهن کان نفرت

Gul Hayat Institute

ڏاريو. اوهين وري نامزنهاد حسين شين ۽ انهن جي مالڪن کي سڀڪجهه سمجهو انهن کي ئي ماراهه، دوستي ۽ عزت ۽ احترام جي لائق سمجهو.

پنهنجن سان ڪائو، پنهنجن جهڙو ڪائو، انهن جهڙو ڀيريو، انهن وٽ ويهو، انهن جي ٻوڏ کي جيءُ سمجهو، دشمن جي آڏرياءُ کي ٺوڪاري ڇڏيو. محلن ۽ ماڙين کي گندو ۽ غليظ سمجهو ۽ انهن ۾ ويهڻ جي غلاظت ٻڪن ۾ اچي ڌوئي صاف ڪريو. پنهنجي ملڪيت نه هجڻ تي شرم نه، فخر ڪريو. ملڪيت جا نہ، مڙسن جا ٻت ٿيو. شين جا پوڄاري نه ٻر ماڻهن جا ٻت ٿيو. پوءِ ليٿ ڪنهن منزل تي اوهين سچي ملير جا مالڪ ٿي ويندا ۽ هيءَ دنيا اوهان جي قدمن ۾ سر جهڪائيندي،

ننگا آهيون نڪتا، اسين سارو لوڪ
مارن ري نہ مچ! سيهو پانڄ سون ڪي.

دوستي ڪنهن سان ڪجي؟

جن ڪراين ڪچ جسا، ور ساهيڙيون سي،

......

Gul Hayat Institute

ڪراڻ ڪروڙ جا، ڇوڙا ڪوڙا جن
سو سرڪ ماروئڙن، جئان لوڪ اڄ ٿئي.

......

ڪارا ڪراڻ ۾، سون اسان کي سوءِ.

......

جنهن سنڌي پوڌ ۾، پٽيون پٽن جيءُ
تَن! تنين سان ائي، اوڏا اڏ ٻڪڙا.
ڪاڏا ڪنهن سان ڪائجن؟
ورجڻ سين خوع، فاقو فرحت پائيان!

......

ور اپائي سدن اڄ، ڪوءِ شربت ڏنهنجو سوسرا.

......

ڪوءِ سين طعام تنين جا، ور سا ڏونرن ڏوئي!

......

ٻکن ۾ ٻيهي، شل سحان، جو مر ڏوئان.
باعزت ۽ باوقار رهڻي ڪهڙي ڇڏجي؟
توري وقت قرارئا، رهــن سهر ست
ڪٿي ۾ ڪيهه ٻڪلثا، پوڻن اهڙيءَ پت
پنهوارڪي ٻت ٻيهي اچ سلـيـر ۾!

Gul Hayat Institute

(ٽورو ڪائن ٽڻا، گهٽ ڪپڙن بدران هڪڙيءَ
ڪٽيءَ ۾ ويڙهيل آهن ۽ بدن تي مٽي لڳل اٿن،
بدن ۾ گهٽي طاقت ۽ دل ۾ قرار اٿن ۽ سيڻي ڪان
ايچي ڏس ته سچي مليو ۾ پت ۽ شان ڪيڏو اٿن!)

اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي ته ٽالي وارن ماڻهن جا پار يا اڪيلا پار يا ڪنهن به سبب دادلا پار يا گهٽي پاڳي عورتن جا پاليل پار يا ٽنڊي هولدي ئي ٽالو ڪيلدڙ پار وڏي هولدي ڪو خاص جوهر ڪولا ڏيکاريندا آهن.

ٽالي وارن ماڻهن جا پار پنهنجن ماڻهن جي ٽالي ۽ شهرت جي چالوءَ ۾ ئي مزا ڪندي پورا ٿي رهندا آهن. پيو ته عام طرح ٽالي وارا ماڻهو پنهنجي گهر ٻبي پاتين ٽوڙي پنهنجي زيراثر ماڻهن کي پنهنجون شخصيتون صحيح معنيٰ ۾ اجاگر ڪرڻ ۾ نه رڳو مدد گهٽ ڏيندا آهن پر انلو ڪون ايرڻ ئي ڪونه ڏيندا آهن. ٿيون ته هوائن به هو هنن جي پيٽ ۾ ٽڪڙا لڳندا آهن ۽ احساس ڪمتري وچان انهن جو نقل ڪندا رهجي

Gul Hayat Institute

ويندا آهن. اڪيلا يا اڪثر عورتن جا ٻاليل ٻار گهڻي پيار ۽ دادلاڻپ جي ڇڏي ڇالوَ ۾ عمر گذاريندي اهي اعليٰ ڳڻن پرائڻ کان محروم رهجي ويندا آهن. جيڪي ڳڻ فقط زندگي جي لتهڻ آس ۾ ئي پرائي سگهبا آهن.

انهن ڳالهين کي خيال ۾ رکي منهنجي اها هميشه سوچيل سمجهيل ڪوشش ٿي رهي آهي ته تنهنجي رهنمائي ڪجهه پر توتي اجايو دٻاءُ نه وجهجي. توکي پيار ڏجي پر دادلو ٿيڻ کان بچائجي. ڪون اجائي سک، پيار، شهرت، شين، پئسن ۽ آرام جي مٺي زهر کان بچڻ، منهنجي عمر جي ٻين غريب ٻارن وانگر ڏک سک ڏسڻ، گهر جي ڪنڊ مان ٻاهر نڪري، ڏڪا ڏوما کائي، مڇي موري، محنتي، جفاڪش ۽ جانٺو انقلابي مرس ماڻهو ٿيڻ.

انسان جا وڏي ۾ وڏا مسئلا ۽ مقصد اهي آهن جيڪي رڳو ڪنهن اڪيلي ماڻهو يا گهر جي نفعي نقصان جا ناهن نڪي ڪنهن اڪيلي ماڻهو يا گهر جي ڏکي عرصي جي ڪوشش مان

Gul Hayat Institute

حل يا حاصل ٿي سگهن ٿا. پر اهي اهي آهن جيڪي گهڻن جا گڏيل آهن ۽ گڏپ وارين ڪوششن سان ئي حل ٿي سگهن ٿا. انهن سان گڏ بلڪ اڪثر انهن سان ئي ڦٽي لڪيل پيا انفرادي ننڍڙا روزمره جا مسئلا ۽ مقصد به آهن جيڪي هڪڙي ماڻهو يا هڪڙي گهر جي فوري يا ٿوري وقت جي ڪوشش سان فوري يا جلد حل ڪرڻ جا آهن. اهي ٻنهي قسمن جا انفعا ۽ نقصان پاڻ ۾ لاڙم ملزوم آهن، هڪٻئي تي دارومدار رکن ٿا، هڪٻئي کي متاثر ڪن ٿا، هڪٻئي ۾ سمايل آهن، پر انهن ۾ بنيادي اهميت گڏپ وارن مقصدن کي آهي. مثلاً جي گهڻن جي گڏيل فائدي وارو گڏپ جي ملڪيت وارو گهٽي ۽ ڪافي عرصي جي محنت ۽ خرچ سان تيار ٿيل کوه ئي نه هوندو ته ڪا پاڻي ڀرڻ سويل وڃي يا جي دير سان وڃي ته ڇا؟ گهڙو ننڍڙو کڻبو ته ڇا ۽ جي وڏو کڻبو ته ڇا؟ گڏپ وارو ۽ گڏيل فائدي وارو اسڪول ئي قائم نه ڪرائبو ته پڙهائي تي انفرادي محنت ڇا جي

Gul Hayat Institute

ڪبي ۽ هوشيار ۾ ڇٽ شاگرد جي وچ ۾ فرق جو ڪهڙو فائدو؟ ڳنڍيل فائدي جو واهه ئي نه هوندو ته پوءِ فصل لاءِ هر ڪنهن جي پنهنجي پنهنجي الڳ الڳ محنت آهر ڪيترو فائدو ڏيئي ڪيترو ڏيندي؟ جي قومون يا طبقا آزاد ئي نه هوندا ته منهن سڌاري ۽ واڌاري جون عظيم اسڪيمون ۽ شاندار پروگرام ڪهڙي ذاتي ڪم ايندا؟ ڦورو ۽ ظالم نظام جي والي ۽ وارثن لاءِ ماڻهن جي بنيادي، وڏن ۽ ڳنڍپ وارن مسئلن ڏانهن ڌيان ڏيڻ به منهن واسطي موت جو پيغام آهي. هو هميشه چاهيندا ته هر ڪو ماڻهو اڪيلي سر پنهنجي ڪر ڪنهن ۾ ئي پورو هجي. ڳنڍپ جي بنيادي ۽ وڏن فائدن وارين ڳالهين ڪان بي خبر رکڻو پٽڪڙن ۽ خسيس روزمره جي نفعي نقصان لاءِ چاڪيءَ جي ڏاند والگر سچو ڏينهن ڦيرا ڏيندي، حياتي جا ڏينهن ڪاٽي وجي قبر پيڙو ٿئي. وڏن بنيادي ڳنڍپ وارن نفعي نقصان جو ماڻهن کي احساس ٿيندو ته ڪين پاڻ ۾ پڌي ۽ ڳنڍپ جو احساس ٿيندو. منهن

دماغ، ذهن ۽ دليون ڪشاديون ٿينديون. سندن
نظرون ٻري تائين ڏسڻ لڳنديون. سندن سوچ مٿي
آڌامندي. سندن خواب وڏيڪ شاندار ٿيندا. ان
حالت ۾ ڦورن جو ڪهڙو حشر ٿيندو؟

جهڙا ۽ جيڏا زندگي جا مقصد، اهڙا ۽ اوڏا
خيال، اهڙي ۽ اوتري نظر ۽ اهڙو ۽ اوڏو ماڻهو،
جيڪو ماڻهو پنهنجي خوشي يا بيسمجهي يا مجبوري
سبب روزمره جي انفرادي نسبتاً ننڍڙن مقصدن سان
گڏ ڊگهي عرصي جي گڏپ وارن وڏن مقصدن کي
ڌيان ۾ نه رکندو ۽ انهيءَ لاءِ به حضي رسيءَ آهر
پاڻ نه پتوڙيندو ۽ پنهنجي نظر ۽ پنهنجا خيال فقط
روزمره جي نسبتاً خسيس ۽ ننڍڙو ٿي پوندو. ان
خسيس ۽ ننڍڙي ۽ پاڻ ۾ ڏي پوري ماڻهو کي
دليا جو پيو هر غريب ماڻهو فقط پنهنجو رقيب ۽
ويري نظر ايندو، پيو ڪجهه به نه. جنهن جي ذهن
۾ گڏيل مقصدن جو وهم گمان به نه هوندو اهو
گڏپ کي ڇا ڪندو؟ اهو پين پاڻ جهڙن سان
پڌي، ڦرب رکڻ، ساڻن منظم ٿيڻ، ڪلهو ڪلهي

Gul Hayat Institute

۽ ڏيئي ھلڻ مان ڇا ڄاڻي؟ ان ويچاري جي زندگي فقط پاڻ جھڙن مان ڳرندي، ڏند ڏيندي، ڏاڙھيندي، ماڻن ويڙھ، ماڙ، حسد ۽ ڪينو رکندي مڙندي ۽ پڇندي، پين تي خسيس پدترين حاصل ڪري خوشيءَ وچان ڪڪيون ھڻندي، پنھنجن ھيٺن کي لتون ھڻي ڪيرائيندي ۽ پنھنجن دشمن اڳيان پڇ لوڏيندي ۽ سندن ھٿ پير چٽيندي گذري ويندي. ڦورو ۽ ظالم نظام جي ڪم لاءِ اھڙا جوان ڪي پيا؟

ان ڪري ھر ڦورو ۽ ظالم نظام ماڻھن کي گڏپ بندران اڪيلائي، انفراديت پرستي ۽ پنھنجو منھن ونئي ھلڻ جو سبق ۽ حڪم ڏئي ٿو. ھر قيدي پنھنجي پنھنجي ڪوٺي ۾ بند ھجي! ڪوبہ پاڻ ۾ نہ ڳالھائي! قيدين پاڻ ۾ ڳالھائي ورتو ۽ گڏجي ويا تہ پوءِ قيد جي ديوارن جو ڇا ٿيندو؟ ھر اھڙو نظام ماڻھن کي گڏپ، گڏيل مقصدن، گڏيل سوچن، گڏيل ڪوشش ڪان پل پل سختين سان روڪي ٿو. ڦورو ۽ ظالم نظام جي وسيع قيدخاني يعني سندن غلام سماج جي قيد جي قانونن

Gul Hayat Institute

يا جيل مشنوئل ۾ وسيع نظري، فراخدلي، بي لالچي، دورالديشي، همدردي، سات، ڪذپ، ڀائيچاري، دوستي، محبت، خود قرباني، همت، سورهيائي ۽ ثابت قدمي وغيره. ڳالهيون سنگين ڪان سنگين ڏوه آهي. هنن جو قانون ڀاڻ ۾ وير، ڪيني، بغض، اڪيلائپ، خود پرستي، خود غرضي، شين جي پوڄا ۽ ماڻهن لاءِ ڌڪار جو سبق ۽ حڪم ڏني ٿو. جيڪو ان قانون جي خلاف ورزي ڪري ٿو تنهن کي هڪڙي ٻاسي گڏيل مقصدن، گڏيل ڪوشش ۽ گڏيل حاصلاتن جو عام طرح ڪوبہ رستو هٿ نٿو اچي ۽ جي اچي ٿو تہ اهو جلدي وڃيو ڪنهن اوجهر ۾ پوي يا اهڙو ڏکيو، اڻانگو اڪريو پوي جو ڪٽڻ جو ۽ منزل تي رسائڻ جو ڳالهہ ئي نٿو وڃي. ٻئي ٻاسي ڪيس نظام جي نافرماني ڪرڻ جي ڪري اڻ هوند، محرومي، بي عزتي، سماجي ناپسندي ۽ ڌڪار ۽ جسماني تڪليفن ۽ اذيتن جي سزا ملي ٿي.

ان ڪري عام طرح هر ذهن، هر گهر، هر گروهہ

شعوري توڙي لاشعوري طرح ڪٽنب جي شاندار شاهي مڙڪ کي سماجي خودڪشي ۽ تباهيءَ جو رستو سمجهي ان کان ونءُ وڃي ٿو. هو اڪيلائپ، انفراديت پرستي، جنس پرستي، خود پرستي، خود مطلبي، خود غرضيءَ جا ۽ ساڙهپي پڌران شين جي پوڄا جا سوڙها پيچرا وٺي ٿو.

جن گهرن يا گروهن ۾ ڪي سٺي پڙهيل ماڻهو ان جي ابتڙ، گڏيل مقصدن، ڪوششن ۽ حاصلاتن جي سوچ ڦهلائڻ ۽ وات وٺڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، اتي هر وقت ذهني ۽ جذباتي گهرو لڙائي جاري رهي ٿي، جن گهرن ۽ گروهن ۾ ڪي فرد ترقي پسند سوچ وارا آهن ۽ ڪي مٺاچري ترقي پسند ۽ بنيادي طرح رجعت پرست يا زمانه ساز سوچ وارا آهن تن ۾ ته سوچن جي اها جنگ اڃا به وڌيڪ اڻانگي ۽ پيچيده ٿيو پوي ڇو ته صفا ۽ سنئين سڌي رجعت پرست سوچ سان ويڙهه اهڙي ڏکي ناهي جهڙي مٺاچري ترقي پسند ۽ بنيادي طرح رجعت پرست يا زمانه ساز سوچ سان.

Gul Hayat Institute

پنهنجي پَٽَ ۾ پنهنجي ڳرڻي اسند سوچ جي
هڪڙي مکيه علامت سان اتفاق آڻ ۽ ٿي پيو
آهيان. انڪري جيڪي ماڻهو مون سان گڏ پيادي
طرح پنهنجي سوچ جي ۽ خلاف آهي سي مون سان
گڏ پنهنجي سوچ جي سار سنڀال لهڻ ۽ لٽا وسارين.
هر قسم جي مخالفن ۾ سڌن داخل ڪيل ڪسن
جي ڪمي ڪاڻهي. آڻ هجان ته هجان، ڪيس جي
شنوائي چوويهه ڪلاڪ چالو آهي. نهايت "غيرجانبداري"
"همدردي" ۽ فضيلت وارن لفظن ۾، مثالن، ثابتين
۽ دليلن سان پنهنجي سوچ کي هڪڙي غير عملي
۽ هوائي سوچ، هڪڙي ڀرپٽ ڏاڍهن منهن ڏيڻ
واري حرڪت، هڪڙي معاف نه ڪرڻ جهڙي
حماقت ثابت ڪري ڪيس عملي طرح هڪڙي گار،
هڪڙي لعنت ۽ هڪڙو ڏوهه بنائي، ڪيس مون سان
گڏ اٿ ٿي پهر بار بار سنگسار ڪري پار پار سوريءَ
تي چاڙهيو ٿو وڃي.

ٿڙيءَ ٿڙيءَ تلاءُ. بلڪ، ٿڙيءَ ٿڙيءَ ماڻهوءَ کي
پاگل به بنائي سگهي ٿي. تو پڙهيو هوندو ته چين

Gul Hayat Institute

۾ جيڪي ماڻهو هر قسم جي عذاب جي باوجود حاڪمن کي منوت نہ ڏيندا هئا تن کي بندي سوگهو ڪري انهن جي مسيءَ مٿان پاڻي ڦڙو ڦڙو ڪري ڪريندا رهندا هئا تان جو هو پاڳل ٿي پوندا هئا. اڏوهي جا ذرڙي جيترا جيوڙا زبردست درخت ڪيرايو رکن. ڪٽ جا ذرڙا لوهہ کي بہ اندران کايو چٽ ڪريون ڇڏن. انن پهرن جي اڻ ڪٽ مقدسي بازيءَ، دانهن، فريادن، ڪن حالتن ۾ طعنن، مهڻن ۽ گوڙهن جـي وضاحت جـي پوڏ اڳيان عقل ۽ سمجهہ ۽ واجبي ۽ بي واجبي جو کهڙو بندوبست جهلي سگهي ٿو ۽ سو بہ هڪڙي اهڙي ٿورڙي عمر، ڄاڻ ۽ تجربي واري ماڻهوءَ جو عقل ۽ سمجهہ ڄيڪو ڪن جي احساس جي بار هيٺ دبيل هجي تہ ڪن جي ڏکين، پيچيدن ۽ ظاهري طرح لاعلاج ڪيسن ۾ بچاءَ جي وڪيل جي حيثيت ۾ احساس ڪمتريءَ ۽ احساس جرم جو شڪار ٿيل هجي ۽ جنهن کي هڪڙي سوچ ۽ هڪڙي وات وٽان جيڪي طلبجي سو هڪ ترڪ ٿي تيار ٿي

Gul Hayat Institute

ملي سگهي ته پي ونان رڳو نصيحتون واعظ، ر
فرمائشون ۽ حڪم ملندا هئا!

ننهن کان پوءِ ٽون اهڙي گهر ۾ پيدا ٿيو آهين جنهن جا اڪثر ڀاتي پنهنجي ننڍڙي پيڪڙي دنيا ۾ ٿورڙا اهم ۽ مشهور آهن ۽ انهن جي ٿورڙي اهميت ۽ مشهوريءَ جا اولڙا توتي به پون ٿا. تنهن سان گڏ تنهنجي پنهنجي ننڍڙي دنيا ۾ توکي به ڪافي اهميت ۽ مشهوري آهي بلڪ تنهنجي عمر جي حساب سان اها حد کان وڌيڪ ٿي چڪي آهي. جڏهن ڪو مال ڪنهن گاهه يا ٻي ڦوت گهڻي کائڻ کان پوءِ ان مان بيزار ٿي ويندو آهي ته پاڳيا چوندا آهن ته ڪچرجي پيو آهي. ٽون به حد کان وڌيڪ اهميت، شهريت ۽ مقبوليت مان ڪچرجي پيو آهين. تو وٽ انهن شين جو ايترو ضرورت کان وڌيڪ ذخيرو گڏ ڪيل آهي جو توکي نه رڳو ان ۾ واڌاري جي به ڪابه ضرورت ڪانهي پر ان ۾ ڪافي ڪجهه گهٽتائيءَ جي به توکي گهڻي پرواهه ڪانهي. تنهنجي سوچ

Gul Hayat Institute

اها ٿي ڏسجي ته اهي شيون ڪنهن به سبب جي ڪري گھٽجي گھٽجي جتي وڃي پهچنديون اتي به، اهي تنهنجي باقي زندگيءَ کي باوقار رکڻ لاءِ ڪافي رهنديون.

درحقيقت ڪيترن پين پارن وانگر تو لاءِ به ذاتي ۽ خانداني اهميت ۽ شهرت هڪڙو ڪاروبار بنجي پئي آهي. هر ڪو ماڻهو تو مان هر ڳالهه ۾ غيرمعمولي توقعات رکندو رهيو آهي ۽ تون پنهنجي عزت بچائڻ خاطر پاڻ تي جبر ڪري انهن کي اڪثر پورو ڪرڻ تي مجبور رهندو آيو آهين. تان جو اڄين ڪندي ڪندي اهي توقعات تو لاءِ هڪڙو وبال ۽ چٽي بنجي پيون آهن ۽ ڏون محسوس ٿو ڪرين ته تون انهن جو قيدي بنجي پيو آهين. هر وقت پنهنجي عمر، سمجهه ۽ معيار کان مٿيري عمر، سمجهه ۽ معيار جي ماڻهن جو پارٽ ادا ڪندي ڪندي تنهنجو ذهن ۽ روح رهڙجي ۽ چچرجي بغاوت ڪرڻ لڳا آهن.

ٻئين طرف ان سڄي ذهني ۽ روحاني خرچ جي

Gul Hayat Institute

پورت ڪرڻ لاءِ توکي جيڪا خوراڪ کپي سو
توکي ميسر ڪونهي. جيڪي ٿورا گهڻا سنڌي، اردو
ڪتاب تون هينئر پڙهڻ جهڙو آهين ۽ پڙهڻ لاءِ
تيار آهين سي تون اڳواڻرا پڙهي ڇڏيا آهن. انهن
مان تون پنهنجي موجوده ٿورڙي سمجهه مطابق
جيڪي پرائي سگهيو آهين سو پرايو اٿيئي. تنهنجي
جهڙي قسم جي محفوظ، سکي سفيد پوش زندگي
آهي ما توکي انهن مان ان کان وڌيڪ پرائڻ
جون ضرورتون ۽ قوتون مهيا نٿي ڪري سگهي
ان کان وڌيڪ وسيع ۽ گهرو مطالعو تون ان ڪري
نٿو ڪري سگهين جو اول ته توکي تنهنجي قسم
جي زندگي ان جي ضرورت مهيا نٿي ڪري ٻيو ته
دنيا جو ٻرو ٿورڙي سٺو ڇونڊيءَ جو علم، ڄاڻ،
وندر علم ۽ سائنس بين الاقوامي ٻولين ۾ آهي
جهڙوڪ انگريزي، فرينچ، جرمن، روسي وغيره.
انهن مان توکي هڪڙي به نٿي اچي، اهڙي طرح
تنهنجي ذهن ۽ روح جا موجوده سرچشما سڪي
خشڪ ٿي ويا آهن. ٻين تائين تنهنجي بي علميءَ

Gul Hayat Institute

جي ڪري تنهنجي ٻچ ڪانهي.

جيتري قدر تنهنجي پڙهائيءَ جو سوال آهي تون برابر پڙهين ٿو. جهڙيون تنهنجون سازگار حالتون آهن تهڙو توکي زبردست ۽ مثالي ڪاميابيون حاصل ڪرڻ کپنديون هيون. پر بهرحال توکي شاباس آهي جو تون پنهنجي پين پاڻرن جي ڀيٽ ۾ چڱو پڙهين ٿو. اميد ته تون همت ڪري پڙهندين ۽ پنهنجي دل گهري منزل تي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيندين پر سوال آهي ته جيڪو اياز ان منزل تي پهچندو سو ڪهڙو ماڻهو، ڪهڙو اياز هوندو؟ ان ڳالهه جو دارومدار ان ڳالهه تي آهي ته اياز ڪهڙي سوچ سوچيندي ۽ ڪهڙي زندگي گهاريندي ان منزل تي رسي ٿو. عام طرح اعلىٰ تعليمي ڪاميابي حاصل ڪري ۽ اعلىٰ ملازمت حاصل ڪري ماڻهو فقط سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح ماڻهن جو رت چوسيندو هزارين لکين چورن ۾ هڪڙي وڏي چور جو بلڪ چورن جي هڪڙي روڏيڪ ٽولي جو اضافو ۽ انهن جي پالنا ڪندا

رهيا آهن. هڪڙو خود غرض ۽ خود پرست حقيقي طرح احمق ۽ جاهل صاحب، هڪڙي اندر جي ڪاري پاهران پيٺت ٽيل گڏي ٽائيپ سيم صاحب ۽ چار پنج لنڍڙا حرام خور رت چوس صاحبزادا ۽ صاحبزاديون ۽ شين ۽ سامان جا ڪجهه انبار، الا- الا خير صلاح، ماڻهن جي نقط نظر کان اڻڌيءَ رڌيو، ڪٿيءَ چٽيو!

هوچن لالا هرنام تعليم بابت جا چيو هو سو توکي چڱي طرح ياد هوندو "هي تعليم تو وٽ قوم ۽ وطن جي امانت آهي. ان کي ڪرسي ماڻڻ لاءِ نه، پر قوم ۽ وطن جي خدمت ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻڻو آهي.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو واقعي تمام گهڻو چاهي ۽ تمام گهڻيءَ ۽ لڳاتار ڪوشش ڪري ته زندگيءَ جي گهري مشاهدي ۽ وسيع ۽ اونهي مطالعي وسيلي جيڪي رڪاوٽون دور ڪري ماڻهپي جي واٽ تي قدم تمام گهڻو اڳتي وڌي سگهي ٿو.

Gul Hayat Institute

مثال طور عام طرح برابر مشهور. ماڻهن جو
اولاد پوڻو ڪونہ پاريندو آهي. پر ان جي ابتڙ
خاص مثال بہ آهن. موتي لعل نهرو پاڻ بہ سرمائيدار
سياستدان هو، پٽس جواهرلعل ڪانئس وڌيڪ مشهور
ٿيو ۽ پوٽس اندرا بہ گهٽ ڪانهي. ڪم ال سين
جو ڏاڏو ۽ پيءُ، پاڻ تہ مشهور وطن دوست ۽
انقلابي هئا پر سندس پٽ بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهي.
هوچي منهہ جي خاندان جي مڃي توکي خبر آهي.
ناديا جي پڙس جو سڄو گهر ساڳئي رنگ ۾
رڱيل هو. ساڳئي طرح ڪيترا اهڙا ماڻهو آهن
جن جي زندگيءَ ۾ ظاهري طور ڪو وڏو ڏک يا
محرومي ڪانہ هئي. مارڪس، اينجلس، لينن ۽
چواين لائي ڏکين پکين گهرن جا اولاد ڪونہ هئا
اهي ذاتي ڏک جو نہ پر زندگيءَ جي وسيع
مشاهدي ۽ مطالعي جي وات وٺي پنهنجي اعلى
آدرش ۽ تاريخ ساز ڪارنامن جي منزل تي رسيا.
ٻي طرف ٻي انداز ماڻهن جي زندگي ڏکن سان ڀمتار
آهي پر هو پنهنجي ڌر جي پاسي نہ دشمن جو

Gul Hayat Institute

ھاسو جھلائي زندگي گذارين ٿا. رهڻي ڪهڻي جي معاملي ۾ به ڪئين خاص حالتون آهن. اينجلس هڪڙي ڪارخاني جي پيداوار جو ڀت هو ۽ پڻس ٻاران ان ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو هو ۽ تونگرن جي زندگي گذارڻ تي مجبور هو. پر اها فضول ۽ واهيات زواليت ڏانهن ليندڙ زندگي کيس دوستن کان، پنهنجي عظيم آدرشن ۽ منزلن کان دور ڪري نه سگهي. هو فقط ڪنهن حد تائين جسماني طور ان ماحول ۾ رهندي ذهني، روحالي ۽ عملي طور پنهنجي دل گهرئي دنيا ۾ رهندو هو.

وهي منجهين وڳ، ڪتوريءَ ڏار چري
ماءَ منهنجي ڪرهي، ٻڌر ٻيڳ ۾ لڳ
جڳ ۾ين جهڙو جڳ، هيئين مين هت چري.

توکي خبر هوندي ته سفيد پوش مارڪس سان نوابزادي شادي ڪئي ۽ توڙ نباهي ۽ گولگر اينجلس وري پنهنجي اڻ پڙهيل نوڪرياڻيءَ سان شادي ڪئي ۽ توڙ لباهي. ان جي مرڻ کان پوءِ وري

Gul Hayat Institute

ان جي اهڙي ئي اٺ پڙهيل پيڻ سان شادي ڪيائين! اهڙي ريت هنن دنيا کي ڏيکاريو ته سرمايه دار نظام جا زنجير هنن کي ذهني طرح جڪڙي نٿي سگهيا.

ڏو نيهن ڏه ڏانوڻيون، پندره پنڌ پياس
پکهاڙيون پغلن ۾، لکين لوه لڳاس
جو سڄڻ يار پياس ته ڇرڪ ڇڄائين هڪڙي!
(شاهه)

سوچون هميشه ساڳيون نٿيون رهي سگهن ۽ نه رهڻ گهرجن. انهن ۾ هر وقت واڌارو ۽ سدارو ايندو رهڻ گهرجي، پوئتي موٽ، واڌاري جو اهڙو لازمي جزو آهي جهڙيون لاهيون چاڙهيون ۽ ور وڪڙ، سوچون رڳو اڳتي نه پوئتي هٽنديون. صحيح ايمان انڌي عقيدي تي نه پر شڪ، گمان ۽ مخالفن سان ڪامياب مقابلن جي ٿنڀن تي ئي قائم ۽ دائم رهي سگهندو آهي. ان ڪري شڪ ايمان جي راهه ۾ هڪ لازمي ۽ بيحد مفيد منزل آهي. پر شڪن ۽

Gul Hayat Institute

ٻوٽي موٽڻ جا ٻه قسم هوندا آهن. هڪڙا شڪ ان لاءِ هوندا آهن ته صحيح حقيقت جي صحيح صحيح خبر پوي ته جيئن ان صحيح حقيقت تي اٽل يقين سان عمل ڪجي. ساڳيءَ طرح ڪي ٻوٽي موٽون ٻه ان لاءِ هونديون آهن ته ٽڪ پچي، ويساهين ڪٽي، ڦوٽون ڳڏ ڪري، بهتر تياري ڪري اڳيئين کان ٻه وڌيڪ جوش ۽ قوت سان واڌ رو لئين سر جاري رکجي. ٻر ڪي شڪ رڳو سچ جي عائد ڪيل فرض سان جان ڇڏائڻ لاءِ بهانا هوندا آهن ۽ "ردِ اڳيئين مرڻ-ي، ٻـد ٻيٺي ٻکهاڙ تي" واڪر هوندا آهن. ساڳي طرح ڪي موٽون ٻه دائمي ثابت ٿينديون آهن. ڪي ماڻهو ٽورو ٻوٽي هڻي، وري گهڻو اڳتي وڌندا آهن ڪي ماڻهو ٽورو اڳتي وڌي وري ڍڪو پوٽي موٽي ويندا آهن.

جيڪڏهن ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو بنيادي مقصد صحيح ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جو فيصلو اٽل آهي ته ٻوءِ شڪ خراب نه، پلي ۽ اڻ ٽر شيءِ آهي. الذي عقيدت نه رڳو بي معنيٰ ٻر نقصانڪار آهي.

Gul Hayat Institute

الڪري مون سالن جا سال ٻي ڇڏي رڳو ماڻهن جي مڪاني خواهہ بين الاقوامي ويرين جون لکڻيون پڙهيون هونديون ۽ اڄ تائين وچ وچ ۾ ائين ڪندو اچان. آءٌ سندن هر دليل، هر ثبوت تي بلڪل کليءَ دماغ ۽ صاف دل سان ڳوڙهو ويچار ڪندو رهيو آهيان ۽ توڙ تائين ڪندو رهندس. تڏهن ئي آءٌ موجوده سوچ، مقصدن ۽ آدرشن تي ٿوري گهڻي پسي ٽڪي جيتري مضبوطيءَ سان قائم رهي سگهيو آهيان ۽ ان سان گڏ پيو بنيادي سبب اهو به هو جو منهنجي زندگيءَ جي هر پل جي تجربي ۽ سوچ جي ڪري منهنجو انهن جي ويڙهہ واسين سان وفاداريءَ ۽ انهن جي ويرين خلاف ويڙهہ جو وچن اٽل هو. منهنجي سدائين اها ئي ڪوشش رهي آهي ته حالتون کهڙيون به هجن، چاڙهہ هجي چاهي لاٿ، چاهي سڪار هجي چاهي ڏڪار، اهو وچن ڪنهن به صورت ۾ وسارڻو ناهي.

زندگيءَ جي ابتڙ واٽن مان صحيح واٽ ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ هر قسم جي حالتن جي باوجود انهن

Gul Hayat Institute

تي ثابت قدم رهي اڳتي وڌندو رهڻ توڙ لباهڻ
زندگي جو سڀ کان مکيه ۽ بنيادي سوال آهي

زندگيءَ لاءِ چونڊيل وات ڪهڙي به صحيح ۽.
عاليشان هجي ٻر جي ان تي ثابت قدميءَ سان قائم
نه رهبو، اڳتي نه وڌبو، وات ۾ ئي گهه ڪري
ويهي رهبو يا گوهي ڏيئي ٻونتي پڇي اچبو ته به
ماڻهو منزل تي ڪين رسندو. لطيف صحيح راهه
ڳولي لهڻ، سمجهڻ، ان تي ثابت قدميءَ سان هر حال
۾ توڙ تائين وڌندي رهڻ تي سڀ کان وڌيڪ زور
ڏنو آهي. سندس چوڻ آهي ته صحيح راهه سڃاڻڻ
کان پوءِ، سواءِ اڳتي وڌڻ جي ٻي ڪنهن حجت
حيلي جي گنجائش ئي ڪانهي. صحيح راهه لڌي
معنيٰ ان تي اڳتي هلڻ شروع "جنين ڏني جوءِ
تنين ڪچيو ڪونه ڪين". "جاڻي سڃاڻي، وهان
ڪيئن ماٺ ڪري". "هوت هلن، آءٌ ويهان، ته
ڪا ائين جڳاءِ!؟" پوءِ ڪنهن به صورت ۾ ڪنڊ
ڪيڏو يا موڙتو ڪونهي. "ڪين ڪليو ڪنڊ،
منجهان مڱ سيه چئي". "هلندي جيين ڏي ڪرها

Gul Hayat Institute

موڙ مَ ڪندا". ڪهڙيون ٻہ تڪليفون اچن ورچي
پڇڻو ڪونهي. ثابت قدم رهڻو آهي. "ڪين هلي
ڪين هٿ ڪٿي، ڪين رڙهي ڪين روءِ"، "ڪندي
ٻنڌ ڀاڙ ڏي ٽيڙم روح رڙيون ا"، "موتي مران
مَ ساء موتڻ ڪان اڳي مران ا"، "سوريءَ جي
مزاوار ڏيهاڙي چنگ چڙهين، جيمَ ورچي چڏيئن
مڪڻ جي پچار...". هر هر منت يا مڏوسڏ جو
انتظار ٻہ ڪرڻو ڪونهي. سمجهو مڙس کي هڪڙو
اکر ڪافي آهي. "اڪر چئي هيڪڙي ڀهون جي نہ
پڇهن، ڪوهہ ڪبو تن کي سچي سڏان ڳالهڙي؟"

اڪثر اها منزل ٻہ ايندي آهي جڏهن سموريون
ڪوششون في‌الحال ناڪام ٿي وينديون آهن ۽
ائين لڳندو آهي جو جڻ تہ جو ڪجهہ ڪيو ويو سو
اجايو هو ان مان اصل ڪجهہ ورڻو سرڻو ڪونہ هو؟
لطيف چوي ٿو تہ صحيح ڳالهہ سان وفاداري توڙ
تائين قائم رهڻ گهرجي. ڀلي اها ختم ٿي وڃي،
ڀلي ان جو نالو نشان ٻہ ظاهري طرح ختم ٿي
وڃي تہ ٻہ مڙس اهو جو ان وفاداريءَ تي قائم

Gul Hayat Institute

رهي، ان کي ڪڍهن، کهڙن به حالتن ۾ ٻئ
نہ ڏي ۽ ان کان لا دعوا نہ ٿئي.

مر سڪي سال ٿيا، هنج هوءِ ٿي ٻر
ڪنگ ويچارو ڪير، جو رسي الهيءَ رمز کي.

ٻئي طرف غلط وات تي السان جيتري محنت،
ايمانداريءَ، همت ۽ ثابت قدميءَ سان وڌندو ۽
جيترو تيز هلندو، جيترو "ڪامياب" ٿيندو. اوترو ئي
صحيح مقصدن ۽ منزلن کان پري ٿيندو ويندو.
جيڪڏهن تون صحيح وات ڇڏي انفراديت پرستي،
خود پرستي، زمانہ سازي ۽ دنياداريءَ واري وات
وٺندين تہ ان وات تي جيترو تيز هلندين، جيترو
اڳتي وڌندين ۽ جيترو ڪامياب ٿيندين اوترو دنيا
جي هر پيار ڪرڻ جهڙي ڳالهہ ۽ بمقصد ۽ هستي
کان پري هٽندو ويندين. اها وات توکي ٻين سان
گڏ مون کان ۽ ٻي سڀني .سات کان پري وٺي
ويندي. بدر جي جنگ ۾ ٻيءُ هڪڙي ٻاسي هو
تہ پٽ ٻئي ٻاسي. "ڊان بهتا رها" ناول ۾ بہ اٿين

Gul Hayat Institute

آهي. هڪ ٻاءُ ماڻهن سان، ٻيو وري انهن جي ويرين سان ته تيون لڪيو تماشائي ۽ ٺياڪڙ.

ظاهر آهي ته آءٌ پنهنجي وس آهر توکي ماڻهن جي مخالف راه تي تماشائي ٿي رهجي وڃڻ يا ڪاريخ جهڙي شهزور گهوڙن جي سمنبن هيٺ لتاڙجڻ ۽ ماڻهن جي حقارت يا نفرت جو شڪار هرگز ٿيڻ نه ڏيندس. ان لاءِ مون کي جيڪي به ڪرڻ ضروري ٿيو تنهن جي ڪرڻ ۾ ڪابه هيڪ محسوس ڪانه ڪندس ۽ ڪابه ڪوتاهي ڪانه ڪندس.

هر بنيادي طرح اهو ڪم تون ئي ڪري سگهين ٿو ڪوبه ٻيو نه.

تیرے آزار کا چارہ نہیں نشتر کے سوا،
اور یہ سفاک مسیحا میرے قبضے میں نہیں
اس جہاں کے کسی ذی روح کے قبضے میں نہیں
ہاں مگر تیرے سوا، تیرے سوا، تیرے سوا!

تون پنهنجي ذهن جي ڪمزورين، پسمانده گين، غلط سوچن، عملن ۽ لاڙن سان مڙسي سان ويڙهه

Gul Hayat Institute

ڪري ٻاڻ کي انفراديت پرستيءَ جي گنڍي ڏيڻ مان ڪيڏي سگهين ٿو. تون نوجوان آهين، ذهين ۽ باصلاحيت آهين. توکي سٺا دوست آهن تون انگريزي سکي وڏي مطالعو ڪري سگهين ٿو ۽ پنهنجي ذهن ۽ روح جي سکي ويل ٻاڙن کي وري سرسبز ڪري سگهين ٿو.

باشعور ۽ باضمير ماڻهن لاءِ ذهن، ضمير ۽ روح جا رشتا رت جي رشتن کان به وڏيڪ اهم آهن. اولاد، مائٽ ۽ عزيز قريب نهايت پيارا آهن. پر جن مان ذهن، ضمير ۽ روح جا رشتا آهن انهن لاءِ پيار مان گڏ لازمي طرح عزت به هوندي آهي، انهن تي فخر به هوندو آهي. اها ڳالهه رت جي رشتن ۾ هر حالت ۾ لازمي ناهي. پنهنجي وچ ۾ رت جي رشتي مان گڏ ذهن، ضمير ۽ روح جو رشتو به آهي. مون کي تو لاءِ نه صرف پنهنجي پٽ هئڻ ڪري بيحد پيار آهي پر توکي هڪڙو باصلاحيت، باشعور ۽ باضمير ماڻهو سمجهندي مون کي تو لاءِ عزت به آهي ۽ توتي فخر به

Gul Hayat Institute

آهي. پاڻ، پاڻ ۾ پيءُ پٽ هجڻ سان گڏ دوست
۽ ساٿي به آهيون.
اڄ پيءُ جي حيثيت ۾ توکي سخت تاڪيد
ٿو ڪريان ۽ دوست ۽ سينئر ساٿي جي حيثيت ۾
توکي زوردار هدايت ٿو ڪريان ته پنهنجي زندگيءَ
جو، عام زندگيءَ جو ۽ زندگيءَ بابت علم جو
نئين سر ۽ اونهو مطالعو ڪر، زندگيءَ بابت
پنهنجي فلسفي، عالمي نقطہ نظر ۽ سوچ جو نئين سر
تنقيدي جائزو وٺ ۽ ان کي درست ڪر؛ فولادي
قوت اراديءَ کان ڪم وٺي، لنهن چوٽيءَ جو زور
لڳائي انفراديت پرستي، خود پرستي، آرام طلبي ۽
زماني سازيءَ جي گندي ۽ غليظ ڍٻ مان ٻاهر
نڪر ۽ وري به خدا جي خلق جي ڀلي واري
روشن ۽ ترقي پسند سوچ ۽ عمل جي ساٿ ۾
هڪڙي باشعور ۽ باعمل مزدور، بهادر سپاهي ۽
داناءَ عالم جي حيثيت ۾ پنهنجي قطار ۾ شامل
ٿي پنهنجي عزت ۽ شان واري جڳهه وري به
حاصل ڪري اڳتي واڌارو جاري ڪر.

Gul Hayat Institute

چيچ ۾ قطار، ساٽ چڙهندو لڪيءِ،
سچڻ ٿئين ڀڄاءِ، وڳ وات ڏئي نه لهين!

هن حالتن ۾ اڄ فقط ٿورڙو وقت ڪجهه لکي پڙهي سگهان ٿو. ان ڪري اهو ٿورڙو وقت مون لاءِ نهايت اڻ لڀ آهي. ٻيو ته مون لاءِ پنهنجو لکيو پڙهڻ ۽ وري فيئر ڪرڻ هڪڙو عذاب آهي. اهڙين حالتن ۾ منهنجو توکي هن ڏکي خط لکڻ ۽ تو تائين پهچائڻ جي اڻاٽڪي مهم هلائڻ مان تون ڪجهه اندازو لڳائي سگهندين ته هي مسئلو مون لاءِ ڪيترو اهم ۽ نازڪ آهي ۽ مون کي تنهنجي صحيح آئيندي بابت ڪيڏيءَ پريشاني ۽ ڪهڙا انديشا آهن. مون کي اميد آهي ته ان حقيقت جي روشني ۾ توکي هن ڳالهه تي جيترو ڌيان ڏيڻ گهرجي اوترو ڏيندين.

ڪسر چنڊ ڪناتا! وکون وجهه وڏلديون
سئين سپرين جي، ولگي پانءِ ۾ وات
چنڊي جهوري ڏي جهات، ته هولدي رات هٿ مڙون!

Gul Hayat Institute

بابا سائين، پنهنجا روحاني ۽ ذهني وڏا، جن تان پنهنجي جسماني وڏن جيون سؤ پشتون قربان ٿين، تن جي ڳالهه ته خير ٻري رهي پر پنهنجا جسماني وڏا به، گهٽ ڪونه هئا. غريب ۽ بيسمجهه هئا پر خدا پناه ڏي، زماني ساز ۽ پاڙيا ڪونه هئا. پنهنجي وقت بسمجهه ۽ ماحول آهر ڪنڌار سڄس هئا. ڪڏهن به مهل تي ڪنڌ هيٺ ڪري گهر جي ڪنڊ ۾ ڪونه لڪا. سدائين هڪل سان هڪل ڏنائون.

ٻاڻ ڪي به مڙسن جي اڳين صفن ۾ بيهڻو آهي، پوين ۾ نه. رڳو نالو ڪرڻو ڪونهي. ٽيهن لسن جو زور لڳائڻو آهي. ٽپاڪي ٽيڻو ڪونهي. ٽوڙ ڪرڻو آهي.

اهڙيءَ ڳالهين ۾ ميار جو گهاءُ مڙسن لاءِ تلوار جي گهاءُ کان به وڌيڪ ڏکيو آهي. ٻاڻ ڪي اهڙين ڳالهين ۾ ٻاڻ ڪي ڪڏهن به هرگز هرگز معياري ڪرڻو ناهي. خود روزمره جي ڪرڪار ۾ به شڪايت جو جائز سبب ڏيڻو ڪونهي. شڪايت

Gul Hayat Institute

مڙس لاءِ ٻاڻو آهي، پيلا ۽ ٻڍاتا تازي وهٽ
پاڻ کي ٻاڻا ڪوله هٽائيندا آهن. وڳو اشاري سان
منزلون ماڻيندا آهن؛ وڌيڪ تون پاڻ سمجهو آهين.

لڪ لاڪيڙو ڪرهو، ڪوڙين ڏيئي ڳڌوم
اڳڻ سولهن ٽيوم، سله، مهانگو مَ چئوا!

لڪ لاڪيڙو ڪرهو، ڪوڙين ڏيئي ڪاه...
ڪٽ نہ ڪند ڪاڄ، جي پلاڻيو تہ،
پرينءَ مڙي!

ڏٿهڄو ٻاڍا

Gul Hayat Institute

# اداري طرفان ٻه اکر

اسان جي اداري کي قائم ٿئي سال ٿي چڪو آهي. اسان پنهنجي اداري جي ٻهرين سالگره ملهائي رهيا آهيون. جنهن موقعي جي نسبت سان هي ڪتاب "سالگره نمبر" ڇپائي رهيا آهيون ۽ اداري طرفان سال دوران جيڪي ڪتاب ڇپايا ويا آهن انهن جي به فهرست ڏئي رهيا آهيون.

اسان جي اداري طرفان هيٺيان ڪتاب ڇپايا ويا آهن.

١- للڪار

٢- بهار

٣- جي ماريا نه موت

٤- انگولا ڪيئن آزاد ٿيو.

٥- هاري جي سجاڳي

٦- ٻراڙو ڳوٺ نئون ڳوٺ

٧- ويٽنامي ڪهاڻيون حصو ٻيو

٨- جن جهولا ڳڙهه جلايو

٩- هوچي منهه جي آتم ڪهاڻي.

Gul Hayat Institute

۱۰- عورت ۽ انقلاب
۱۱- ماٺوزي تنگ جا مضمون
۱۲- اسان جا ٻنڌ ٻهاڙ جا
۱۳- جنم قيدي
۱۴- وڳ ڪيئن وسرياءِ (سالگرهه نمبر)

اسان جي سفر جو قافلو پنهنجي منزل ڏانهن وڌي رهيو آهي. هن سالگرهه نمبر ڪڍڻ سان ڪابه خوشقهمي نه ٿي آهي ته اسان ڪو وڏو ڪم سرانجام ڏنو آهي.

ڇو ته اسان جون راهون بقول محمد خان مجيدي جي اسان جا پيرا اڃان ٻه اڳتي، اسان جا رستا اڃان ٻه اڳتي ... اڃان ٻه اڳتي - اڃان ٻه اڳتي -

Gul Hayat Institute

ٻـــاران

سيڪريٽري

سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي

ڪاڏي ڪاٽو حيدرآباد

# ياد رک

تو وٽ تنهنجو عقل ۽ تنهنجو علم،
تنهنجي وطن ۽ قوم جون امانتون آهن.
امتحان پاس ڪري وطن جي ويرين وٽ
ڪرسي مباڻ،
تنهن ڪان وڏي بي حيائي، ذلالت ۽ غداري
ٻي ڪانهي.
پنهنجي علم کي پنهنجي وطن جي قسمت نصيب
سنوارڻ لاءِ وقف ڪر.

پنهنجي حياتي جي پَل پَل سان،
قوم جي تاريخ ۾ سونهن ۽ سينگار پيدا ڪر،

Gul Hayat Institute

ويٽنامي شاعر: نوڏي دين

سنڌيڪار: رسول بخش پليجو